- سبق پڑھانے سے پہلے طلبا سے یہ پوچھا جائے کہ کیا انھوں نے کبھی کسی کسان کو فصل کاشت کرتے ہوئے دیکھا ہے؟ زراعت کا شعبہ ہمارے ملک میں کیا حیثیت رکھتا ہے؟ طلبا کی بات کو آگے بڑھائیں اور ان کے تجربات کی روشنی میں مزید بات چیت کریں۔ ہمارے ملک میں زراعت کا شعبہ اس وقت تک کتنی ترقی کر چکا ہے؟ اپنے تجربے سے اس کی کچھ اور مثالیں دیجیے جس سے سبق شروع ہونے سے پہلے طلبا یہ جان لیں کہ زراعت کی اہمیت کس وجہ سے ہے۔
- طلبا کو بتائیں کہ آج ہم سبق ''زراعت کی اہمیت'' پڑھیں گے جس سے ہمیں معلوم ہوگا کہ ہمارے ملک میں زراعت کی اہمیت کیوں اور کس وجہ سے ہے۔ ہمارے ملک میں کون کون سی فصلوں کے موسم ہیں؟ سبق کے اعلان کے بعد کتاب آسان سندھی کا صفحہ ۶۸ کھلوائیں۔ نئے الفاظ پر نشان لگوائیں اور ان الفاظ کو درست ہجے کر کے پڑھیں، پھر سبق درست ہجے سے لفظ بہ لفظ پڑھیں۔ طلبا ہر لفظ پر انگلی رکھیں اور دھیان سے سنیں۔ اب انھیں سبق کا مطلب بتائیں۔ ربیع اور خریف کے دو موسموں میں کون کون سی فصلیں ہوتی ہیں۔ سبق کے حوالے سے مثالیں دیجیے تاکہ سبق میں درج اصل مقصد کو طلبا بآسانی سمجھ سکیں۔
- طلبا کو بتائیں کہ کن فصلوں کو اناج والی فصل کہا گیا ہے اور کن فصلوں کو زرمبادلہ والی فصل کہا جاتا ہے۔ اس کی وضاحت سبق کے حوالے سے کیجیے۔ ہمارے ملک کے کسان کس طرح فصلوں سے زرمبادلہ کما رہے ہیں اور اس میں ان کی کتنی محنت درکار ہوتی ہے۔ اس وقت


OXFORD
UNIVERSITY PRESS

شعبو اسان جي ملڪ ۾ ڪهڙي حيثيت رکي ٿو ۽ سائنس زراعت جي شعبي ۾ ڪهڙي ترقي آندي آهي واري واري سان سبق ۾ استعمال ٿيل مثالن کي ٻارن کي سمجهائيندا هلو. سبق ۾ موجود مثال کي شاگردن اڳيان رکندا هلو تہ جيئن ٻار سبق جي اصل مقصد کي سولي نموني ياد رکي سگهن.

- سبق ۾ موجود ڏکين يا نون لفظن تي نشان لڳرايو پوءِ ٻارن کان واري واري سبق پڙهائيو. استاد ٻارن کان سبق سان لاڳاپيل ڪجھ سوال ڪري تہ جيئن ٻار آساني سان سمجهي سگهن.

## حل ٿيل مشق

(الف) سوالن جا جواب:

1. دريائي علائقن جي ڀراڙين جا ماٺهو سارين جي پوک ڪن ٿا.
2. فصل جون ربيع ۽ خريف بہ مندون ٿين ٿيون. هاري ربيع واري مند ۾ ڪڻڪ، جانيو، سرنهن، چڻا ۽ ٻيا فصل پوکين ٿا. جڏهن تہ خريف واري مند ۾ هاري سارين، جوئر، ڪمند، ڪپھ ۽ مڪئي جا فصل پوکيندا آهن.
3. چانور، ڪڻڪ، ۽ جوئر جي فصلن کي اناج وارا فصل چئبو آهي، ڪپھ ۽ ڪمند وارا فصل ناڻي وارا فصل سڏبا آهن.
4. زراعت جي شعبي ۾ روز نت نوان تجربا ڪيا وڃن ٿا. زمين مان وڌيڪ اپت حاصل ڪرڻ لاءِ ان ۾ هٽرادو ڀاڻ وجهي وڌيڪ زرخيز ڪيو وڃي ٿو. هاري جي محنت گهٽائڻ لاءِ زراعت جي شعبي ۾ جديد مشينون بہ اچي ويون آهن.
5. گئس ۽ ڊيزل تي هلندڙ انجڻ جي مدد سان ٽيوب ويل لڳايا ويا آهن جيڪي زمينن کي جهٽ ۾ پاڻي سان سيراب ڪري ٿا ڇڏين ۽ هاري کي انتظار ڪرڻو نٿو پوي.

(ب) فصلن جو چارٽ: اها سرگرمي استاد پنهنجي نگراني ۾ ڪرائي.

(ج) ڪمند کي نپوڙي انهي مان رس ڪڍيو ويندو آهي جيڪو گرمين جي مند ۾ عام جام وڪامبو آهي، ماڻهو ڪمند جو رس شوق سان پيئندا آهن. ڪمند مان کنڊ بہ تيار ڪئي ويندي آهي. ڪمند جي رس مان گڙ بہ تيار ڪيو ويندو آهي.

(د) حرف جملو وارا جملا:

1. سريش ۽ اشوڪ ڀائر آهن
2. هو گهر ۾ آهي.
3. هي ڪم ٿي وڃي ها پر ڪونہ ٿيو.
4. ڪم سنو آهي پر اجا محنت ڪر.

زراعت کا شعبہ ہمارے ملک میں کیا حیثیت رکھتا ہے اور سائنس زرعی شعبے میں کیا ترقی لے آئی ہے۔ سبق میں استعمال ہونے والی مثالوں کے ذریعے طلبا کو سمجھائیں تا کہ طلبا بآسانی سبق کے اصل مقصد کو یاد رکھ سکیں گے۔

- سبق میں موجود مشکل یا نئے الفاظ پر نشان لگوائیں۔ پھر طلبا سے باری باری سبق پڑھوائیں۔ اساتذہ طلبا سے سبق کے متعلق کچھ سوالات کریں جس سے یہ اندازہ لگایا جا سکے کہ انھوں نے کیا سیکھا ہے۔

## حل شدہ مشق

(الف) سوالات کے جوابات:

۱۔ دریائی علاقوں کے دیہی لوگ چاول کاشت کرتے ہیں۔

۲۔ ربیع اور خریف فصل کے دو موسم ہوتے ہیں۔ کسان ربیع کے موسم میں گندم، سرسوں، چنے اور دوسری فصلیں کاشت کرتے ہیں جبکہ خریف کے موسم میں کسان چاول، جوار، گنّا، کپاس اور مکئی کی فصلیں کاشت کرتے ہیں۔

۳۔ چاول، گندم اور جوار کی فصلوں کو اناج کی فصل کہا جاتا ہے جبکہ کپاس، گنے کی فصلیں زرمبادلہ کی فصلیں کہلاتی ہیں۔

۴۔ زراعت کے شعبے میں روز نئے تجربات کیے جاتے ہیں۔ زمین سے زیادہ منافع کمانے کے لیے اس میں مصنوعی کھاد ڈال کر زیادہ زرخیز کیا جاتا ہے۔ کسان کی محنت کم کرنے کے لیے زراعت کے شعبے میں جدید مشینوں کا بھی استعمال ہونے لگا ہے۔

۵۔ گیس اور ڈیزل کی مدد سے چلنے والے انجنوں سے ٹیوب ویل لگائے گئے ہیں جو کہ زمین کو جلدی سے سیراب کر دیتے ہیں اور کسان کو انتظار نہیں کرنا پڑتا ہے۔

(ب) فصلوں کا چارٹ:

یہ سرگرمی استاد اپنی نگرانی میں کروائیں۔

(ج) گنّے کو پیل کر (دبا کر، نچوڑ کر) اس سے رس نکالا جاتا ہے جو کہ گرمیوں کے موسم میں عام طور پر سڑکوں پر بیچا جاتا ہے۔ لوگ گنّے کا رس شوق سے پیتے ہیں۔ گنّے سے شکر اور گڑ بھی تیار کیا جاتا ہے۔

(د) حروف کا جملوں میں استعمال:

۱۔ سریش اور اشوک بھائی ہیں۔

۲۔ وہ گھر میں ہے۔

۳۔ یہ کام ہو جاتا، مگر نہیں ہوا۔

۴۔ کام اچھا ہے، مگر اور بھی محنت کرو۔

## سبق چوويهون

# لات

### مقصد

- شاگردن کي نظم جي معني ۽ مفهوم جي ڄاڻ ڏيڻ.
- کين انهي قابل ڪرڻ تہ هو نظم پڙهڻ، سمجهڻ ۽ زباني ياد ڪرڻ جي قابل ٿي وڃن ۽ نوان لفظ لکڻ ۽ انهن مان جملا ٺاهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري سگهن.
- شاگردن ۾ جلدي اٿي عبادت ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ.
- هو اهو ڄاڻي وٺن تہ اسان جو حقيقي خالق، مالڪ ۽ رازق الله تعاليٰ آهي.

### امدادي سامان

- بليڪ بورڊ
- سَولي سنڌي ڪتاب 7، صفحو نمبر 71

### سکيا جو طريقو

- نظم پڙهائڻ کان اڳ ٻارن کان پڇيو وڃي تہ ڇا هو ڪڏهن اهو سوچين ٿا تہ اهي پڪي ايترو سوير ڇو اٿن ٿا؟ اسان کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟ اسان جو هتي اچڻ جو مقصد ڇا آهي؟ شاگردن جي ڳالهين کي اڳيان وڌائيندا هلو.
- ٻارن کي ٻڌايو تہ اڄ اسين نظم "لات" پڙهندا سين. سبق جي اعلان کانپوءِ ڪتاب سولي سنڌي جو صفحو نمبر 71 کولرايو. نون لفظن نشان لڳرايو ۽ انهن لفظن کي درست اُچار سان پڙهي ٻڌايو. پوءِ نظم درست اُچار سان لفظ لفظ ڪري پڙهو. ٻار هر لفظ تي آڱر رکن ۽ ڌيان سان ٻڌن. هاڻي کين بيتن جي سمجهاڻي آسان لفظن ۾ ڪيو. بيتن جي سمجهاڻي نثر ۾ ڪئي وڃي تہ جيئن ٻارن کي بيت آساني سان سمجهہ ۾ اچي وڃن جهڙوڪ: صبح سان پکين جلدي اٿي اها ڳالهہ ڪئي آهي، توهان اٿو ۽ ڄاڳو جڳ ۾ روشني ٿي وئي آهي، توهان ننڊ ۽ آرام کي ڇڏي ڏيو ڇو جو بي پرواهي ۾ رهندي شام ڪونہ ٿيندي آهي سيني پيار سان وحدت جي وائي ڳائي آهي، هاڻي سج اڀرڻ وارو آهي ۽ عمل لاءِ پڪارڻ وارو آهي ۽ انسان کي بي پرواهي ۾ وقت نہ گذارڻ گهرجي ڇو جو هڪ ڏينهن سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويندو ۽ ڪجهہ بہ ڪونہ بچندو، گلشن جي اندر گلن بہ ترانا ڳايا آهن تہ محنت سان ئي خزانا هٿ اچڻ وارا آهن ائين نہ ٿئي جو اجايو وقت گذري وڃي، تون اٿي ۽ صبح واري مالڪ کي ياد ڪر جيڪو جمڻ کان مرڻ تائين ساٿ نڀائڻ وارو آهي، ڇو جو توهان کي علم سان ئي روشني ملي سگهي ٿي. مٿي ڏنل سمجهاڻي کي توهان پنهنجن لفظن ۾ بہ ٻارن کي سمجهائي سگهو ٿا.

سبق نمبر ۲۶

# چہکار

## مقاصد

- طلبا کو نظم کے معنی اور مفہوم کی معلومات دینا۔
- انھیں اس قابل کرنا کہ وہ نظم پڑھنے، سمجھنے اور زبانی یاد کرنے کے قابل ہو جائیں اور نئے الفاظ لکھنے اور ان سے جملے بنانے کی صلاحیت حاصل کر سکیں۔
- طلبا میں جلد اٹھ کر عبادت کرنے کا جذبہ پیدا کرنا۔
- وہ یہ جان لیں کہ ہمارا حقیقی مالک، خالق اور رازق اللہ ہے۔

## امدادی اشیا

- تختۂ سیاہ
- آسان سندھی کتاب ۷، صفحہ نمبر ۷۱

## طریقۂ تدریس

- نظم پڑھانے سے پہلے طلبا سے یہ پوچھا جائے کہ کیا کبھی انھوں نے سوچا ہے کہ پرندے اتنا جلدی کیوں اٹھ جاتے ہیں؟ کیا دیر تک سونے سے اللہ تعالیٰ راضی رہ سکتے ہیں؟ ہمیں کس نے پیدا کیا ہے؟ دنیا میں آنے کا ہمارا کیا مقصد ہے؟ طلبا کی بات کو آگے بڑھاتے چلیں اور ان کے تجربات کی روشنی میں مزید بات چیت کریں۔
- طلبا کو بتائیں کہ آج ہم نظم ''چہکار'' پڑھیں گے جس سے ہمیں معلوم ہوگا کہ پرندے کیوں جلدی اٹھتے ہیں۔ سبق کے اعلان کے بعد کتاب آسان سندھی کا صفحہ نمبر ۷۱ کھلوائیں۔ نئے الفاظ پر نشان لگوائیں اور ان الفاظ کو درست لہجے سے پڑھ کر سنائیں۔ پھر نظم درست لہجے سے لفظ بہ لفظ ترنم سے پڑھیں۔ طلبا ہر لفظ پر انگلی رکھیں اور دھیان سے سنیں۔ اب انھیں اشعار کا ترجمہ آسان الفاظ میں کرکے بتائیں۔ اشعار کا ترجمہ نثر میں کیا جائے تاکہ طلبا کو نظم آسانی سے یاد ہو جائے۔ جیسے صبح سویرے پرندوں نے اٹھ کر یہ چہکار کی کہ تم اٹھو اور جاگو کیونکہ دنیا میں روشنی ہو گئی ہے۔ آپ نیند اور آرام کو چھوڑ دو کیونکہ بے پروائی میں رہ کر شام نہیں ہوتی۔ سب نے پیار سے وحدت کی بات کی ہے۔ اب سورج نکلنے والا ہے اور عمل کے لیے پکارنے والا ہے اور انسان کو بے پروائی میں وقت نہیں گزارنا چاہیے کیونکہ ایک دن سب کچھ ختم ہو جائے گا اور کچھ بھی نہیں بچے گا۔ گلشن کے اندر گلوں نے بھی ترانے گائے ہیں کہ محنت سے ہی خزانے ہاتھ لگنے والے ہیں، ایسا نہ ہو کہ وقت نکل جائے۔ تم اٹھو اور صبح کے مالک کو یاد کرو جو پیدائش سے موت تک ساتھ نبھانے والا ہے، عمل سے ہی روشنی مل سکتی ہے۔ مندرجہ بالا ترجمے کو آپ اپنے الفاظ میں بھی طلبا کو سمجھا سکتے ہیں۔


OXFORD
UNIVERSITY PRESS

- ٻن ٻارن کان جوڙي جي صورت ۾ واري واري نظم پڙهائيو جنهن ۾ هڪ سنو پڙهڻ وارو هجي ۽ ٻيو ٿوري ڏکيائي محسوس ڪندو هجي. پوءِ پنجن ٻارن جو گروپ جوڙي پڙهائيو وڃي. جنهن کان پوءِ سڀ ٻار توهان سان گڏجي نظم پڙهن. اهڙي ريت آساني سان ٻارن کي نظم ياد ٿي ويندو.

## حل ٿيل مشق

(الف) سوالن جا جواب:

1. صبح جو پکين اها لات لاتي تہ اٿو جاڳو جڳ ۾ تي سهائي.
2. صبح جو سج اپري عمل لاءِ پڪاريندو آهي.
3. گلشن ۾ صبح جو گل ترانا ڳائيندو آهي.
4. صبح جو اٿي الله کي ياد ڪرڻ گهرجي.

(ب) مڪمل بند:

چڏيو ننڊ نيڻن جو آرام پائو
سپني پرت مان ڳائي وحدت جي وائي
نہ غفلت ۾ انسانُ تائيم تاري
جو هڪ ڏينهن رهندي، رڳو ڌوڙ ڇائي
جو حامي آ پينگهي کان سڪرات تائين
ملي علم سان ٻاٽ ۾ روشنائي

(ج) ٻوليون ۽ پکين جا نالا:

| | |
|---|---|
| چيئون چيئون | جهرڪي |
| ڳٽر ڳون | ڪبوتر |
| ڪان ڪان | ڪانءُ |
| ڪُوڪُو | ڪوئل |

(د) نر پکي ۽ مادي پکي:

| | |
|---|---|
| ڪانءُ | ڪانءِ |
| ڪبوتر | ڪبوتري |
| مورُ | ڍيل |
| جهرڪُ | جهرڪي |
| ڪُڪُڙُ | ڪُڪُڙِ |

- دو طلبا سے جوڑے کی صورت میں نظم پڑھوائیں جس میں ایک اچھا پڑھنے والا اور دوسرا تھوڑی دشواری محسوس کرتا ہو۔ پھر پانچ طلبا کا گروپ بنا کر نظم پڑھوائیں، جس کے بعد سب طلبا آپ کے ساتھ مل کر نظم پڑھیں۔ اس طرح طلبا کو بآسانی نظم یاد ہو جائے گی۔

## حل شدہ مشق

(الف) سوالات کے جوابات:

۱۔ صبح کو پرندوں نے یہ چہکار کی ہے کہ اٹھو جاگو کہ اس جہاں میں روشنی ہوگئی ہے۔

۲۔ صبح کا سورج عمل کے لیے پکارتا ہے۔

۳۔ گلشن میں پھول صبح کو ترانے سناتا ہے۔

۴۔ صبح کو اٹھ کر اللہ تعالیٰ کو یاد کرنا چاہیے۔

(ب) مکمل بند:

چھوڑو نیند آنکھوں کا آرام بھائی
سب نے محبت سے گنگنائی وحدت کی وائی
نہ غفلت میں انسان وقت نکالے
کیونکہ یہاں صرف دھول مٹی رہ جائے گی
جو حامی ہے پیدائش سے لے کر موت تک
ملے علم سے جہاں میں روشنائی

(ج) آوازیں اور پرندوں کے نام:

| | |
|---|---|
| چوں چوں | چڑیا |
| غٹرغوں | کبوتر |
| کاں کاں | کوّا |
| کُوکُو | کوئل |

(د) نر پرندے اور مادہ پرندے:

| | |
|---|---|
| کوّا | کوّی |
| کبوتر | کبوتری |
| مور | مورنی |
| چڑا | چڑیا |
| مرغا | مرغی |

## سبق ستاويهون

# ويچارو گَڏھ

### مقصد

- شاگردن کي سبق جي مفهوم جي ڄاڻ ڏيڻ.
- کين انهي قابل ڪرڻ تہ هو سبق پڙهڻ، سمجهڻ ۽ انهي جو مقصد ياد ڪرڻ جي قابل ٿي وڃن ۽ نوان لفظ لکڻ ۽ انهن مان جملا ٺاهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري سگهن.
- هو اهو ڄاڻي وٺن تہ گڏھ بار ڍوئڻ ۽ انسان جي مدد ڪرڻ ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن.
- شاگردن کي ويچاري گَڏھ جي صبر بابت ڄاڻ مهيا ڪرڻ.
- شاگردن کي گڏھ تي رحم ڪرڻ جو سبق ڏيڻ .

### امدادي سامان

- بليڪ بورڊ
- سَولي سنڌي ڪتاب 7، صفحو نمبر 73

### سکيا جو طريقو

- سبق پڙهائڻ کان اڳ ٻارن کان پڇيو وڃي تہ ڇا هنن ڪڏهن گڏھ کي بار کڻي ويندي ڏٺو آهي؟ شاگردن جي ڳالهہ کي اڳيان وڌايو ۽ سندن تجربن جي روشني ۾ وڌيڪ ڳالهہ ٻولهہ ڪريو تہ گڏھ ڪهڙي ريت خاموشي سان انسانن جي مدد ڪري رهيو آهي؟ شاگردن جي ڳالهين کي اڳتي وڌائيندي، پنهنجي تجربي مان انهي جا ڪجهہ ٻيا مثال ڏيندا هلو تہ جيئن سبق شروع ڪرڻ کان اڳ ٻار اهو ڄاڻي وٺن تہ ويچاري گَڏھ جي اهميت ڇا جي ڪري آهي.
- ٻارن کي ٻڌايو تہ اڄ اسين سبق ويچارو گَڏھ پڙهندا سين جنهن مان اسان کي چڱي نموني اها ڄاڻ ملندي تہ ڪيئن بيروزگاري جي ڪري هن جانور جو تعداد سنڌ ۾ وڌيو آهي. اڳي ٻهراڙين ۾ اهو جانور ڏسڻ ۾ ايندو هو پر هاڻي شهرن ۾ بہ هي جانور گڏھ گاڏي جي طور تي بار کڻي ويندي ڏٺو وڃي ٿو. سبق جي اعلان کانپوءِ ڪتاب سولي سنڌي جو صفحو نمبر 73 کولرايو. نون لفظن تي نشان لڳرايو ۽ انهن لفظن کي درست اُچار سان پڙهي ٻڌايو پوءِ سبق درست اُچار سان لفظ لفظ ڪري پڙهو ٻار هر لفظ تي آڱر رکن ۽ ڌيان سان ٻڌن. هاڻي کين ٻڌايو تہ هي بي زبان اهڙو جانور آهي جنهن ڪڏهن ڪا شڪايت نہ ڪئي آهي سدائين مالڪ جي چوڻ تي پيو هلندو آهي. سبق جي حوالي سان گڏ مثال ڏيندا هلو تہ جيئن ٻار آساني سان سبق جي اصل مقصد کي ڄاڻي سگهن. شاگردن کي ٻڌايو تہ هن سبق ۾ ڪهڙي ريت ويچاري گڏھ جي نماڻائي جو ذڪر ٿيل آهي. ڪنهن دور ۾ اهو جانور تمام سستو ملي ويندو هو پر هاڻي هن دور ۾ هن جانور جي قيمت بہ آسمان سان ڳالهائي ٿي ان جو اگه وڌڻ سان ان ويچاري جو ڪو فائدو ڪونہ ٿيو آهي، هي تہ ويچارو پيو هيڏانهن

سبق نمبر ۲۷

# بیچارہ گدھا

## مقاصد

- طلبا کو سبق کے مفہوم کی معلومات دینا۔
- انھیں اس قابل کرنا کہ وہ سبق پڑھنے، سمجھنے اور اس کا مقصد یاد کرنے کے قابل ہو جائیں اور نئے الفاظ لکھنے اور ان سے جملے بنانے کی صلاحیت حاصل کر سکیں۔
- وہ یہ جان سکیں کہ گدھے وزن اٹھانے اور انسان کی مدد کرنے میں کیا کردار ادا کر رہے ہیں۔
- طلبا کو گدھے کے صبر کے بارے میں معلومات مہیا کرنا۔
- طلبا کو گدھے پر رحم کرنے کا سبق دینا۔

## امدادی اشیا

- تختۂ سیاہ
- آسان سندھی کتاب ۷، صفحہ نمبر ۳۷

## طریقۂ تدریس

- سبق پڑھانے سے پہلے طلبا سے پوچھا جائے کہ کیا کبھی انھوں نے کسی گدھے کو وزن اٹھا کر لے جاتے ہوئے دیکھا ہے؟ طلبا کی بات کو آگے بڑھائیں اور ان کے تجربات کی روشنی میں مزید بات چیت کریں کہ گدھا کس طرح خاموشی سے انسانوں کی مدد کر رہا ہے؟ اپنے تجربے سے اس کی کچھ اور مثالیں دیجیے تاکہ سبق شروع ہونے سے پہلے طلبا یہ جان سکیں کہ گدھے کی اہمیت کس وجہ سے ہے۔
- طلبا کو بتائیں کہ آج ہم سبق ''بیچارہ گدھا'' پڑھیں گے جس سے ہمیں معلومات حاصل ہوں گی کہ کس طرح بیروزگاری کی وجہ سے سندھ میں اس جانور کی تعداد میں اضافہ ہوا ہے۔ پہلے دیہی علاقوں میں یہ جانور دکھائی دیتا تھا، مگر اب شہروں میں بھی یہ جانور وزن اٹھائے گدھا گاڑی کی صورت میں دکھائی دینے لگا ہے۔ سبق کے اعلان کے بعد کتاب آسان سندھی کا صفحہ نمبر ۳۷ کھلوائیں۔ نئے الفاظ پر نشان لگوائیں اور ان الفاظ کو درست ہجے سے پڑھ کر سنائیں۔ پھر سبق درست تلفظ سے لفظ بہ لفظ پڑھیں۔ طلبا ہر لفظ پر انگلی رکھیں اور دھیان سے سنیں۔ اب انھیں سبق کا مطلب بتائیں کہ یہ بے زبان ایسا جانور ہے جس نے کبھی کوئی شکایت نہیں کی ہے۔ ہمیشہ مالک کے کہنے پر چلتا رہتا ہے۔ سبق کے حوالے سے مثالیں دیجیے تاکہ طلبا بآسانی سبق کے اصل مقصد کو جان سکیں۔ طلبا کو بتائیں کہ اس سبق میں کس طرح بیچارے گدھے کی معصومیت کا ذکر کیا گیا ہے۔ کسی دور میں یہ جانور بہت سستا مل جاتا تھا۔ مگر اب اس دور میں اس جانور کی قیمت بھی آسمان سے باتیں کرتی ہے۔ اس کی قیمت بڑھنے سے اس کا تو کوئی فائدہ نہیں ہوا ہے، یہ بیچارہ تو بس یہاں

کان هوڏانهن گهمندو آهي. هن ويچاري جي سچي تاريخ صبر سان پيري پئي آهي هن تي هر دور ۾ ماڻهن ظلم ڪيو آهي. سبق ۾ موجود مثال شاگردن اڳيان رکندا هلو تہ جيئن ٻار سبق جي اصل مقصد کي سولي نموني ياد رکي سگهن. سبق کي پڙهائڻ جو طريقو مزاحيہ ڪيو وڃي تہ جيئن اهو سبق شاگردن کي آساني سان سمجه ۾ اچي وڃي.

- سبق ۾ موجود ڏکين يا نون لفظن تي نشان لڳرايو پوءِ ٻارن کان واري واري سبق پڙهائيو. استاد ٻارن کان سبق سان لاڳاپيل ڪجهہ سوال ڪري تہ جيئن ٻار آساني سان سمجهي سگهن.

## حل ٿيل مَشقَ

(الف) سوالن جا جواب:

1. اوائلي دور ۾ بہ گڏهہ کي مختلف ڪمن لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو. ڪي ماڻهو مَٽس سَنج رکي انکي سُواري طور استعمال ڪندا هئا. ڪي وري ان کي ڊوڙ جي مقابلن ۾ لاهي ان تي شرط پيا رکندا هئا. ڪنہار مٽي ڍوئڻ ۾ ان جي مدد وٺندا هئا يا ڪي وري مٽس سِرن جو بار رکندا هئا.
2. اڄڪلهہ جي جديد ۽ سائنسي دور ۾ جتي بار ڍوئڻ ۽ جهلي ڪاهڻ جي جوابداري ان تان هلڪي ٿيندي پئي وڃي، اتي وري انسانن جو بار کڻڻ جي تمام ڳري ذميواري ان تي پوندي پئي وڃي.
3. اڄ ڪلهہ ماڻهو هن موچاري جانور جو هزارن ۽ لکن ۾ سودو پيا ڪن.
4. گهٽي قيمت ملڻ جو گڏهہ کي ڪو فائدو نٿو ٿئي، هو ويچارو پوءِ بہ ساڳي حال ۾ هجي ٿو. ساڳي هڻ هٽان، ساڳيا آتر ۽ ساڳيو سڪل گاهہ.
5. گڏهہ ويچاري جي سچي تاريخ صبر سان پيري پئي آهي.

(ب) سنڌ جي مشهور عالم، محقق ۽ دانشور ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ گڏهہ جي عنوان تي ڪتاب لکيو هو.

(ج) سنڌ ۾ گهوڙو، گڏهہ، اٺ ۽ ڏاند سواري لاءِ استعمال ٿيندا آهن. شاگردن کي هدايت ڪئي وڃي تہ اخبارن يا رسالن مان انهن جون تصويرون ڳولي انهن کي ڪاپي تي چنبڙايو.

(د) اسڪول جي لائبرَري مان مزاحيا شاعري جو ڪتاب ڪيرائي، هڪڙو مزاحيا شعر لکي اچو.

رڪشي وارا چاچا
منهنجا آلا تي ويا پاچا
مون کي وٺي هل ڪنهن طور
مون کي وڄڻو آهي ڪشمور.

سے وہاں گھومتا رہتا ہے۔ اس بیچارے کی تمام تاریخ ہی صبر سے بھری پڑی ہے۔ اس پر ہر دور میں لوگوں نے ظلم ہی کیا ہے۔ سبق میں موجود مثالیں طلبا کو بتائیں جس کی وجہ سے طلبا سبق کے اصل مقصد کو یاد رکھ سکیں۔ سبق کو پڑھانے کا انداز مزاحیہ کیا جائے جس سے یہ سبق طلبا کو بآسانی سمجھ میں آئے اور آسانی سے یاد بھی رکھ سکیں۔

- سبق میں موجود مشکل یا نئے الفاظ پر نشان لگوائیں، پھر طلبا سے باری باری سبق پڑھوائیں۔ سبق کے آخر میں اساتذہ طلبا سے سبق کے متعلق کچھ سوالات کریں جس سے یہ اندازہ لگایا جا سکے کہ طلبا نے سبق سے کیا سیکھا اور کیا سبق حاصل کیا۔

حل شدہ مشق

(الف) سوالات کے جوابات:

۱۔ پرانے دور میں بھی گدھے کو مختلف کاموں کے لیے استعمال کیا جاتا تھا۔ کچھ لوگ اس پر سواری کیا کرتے تھے اور کوئی اسے دوڑ کے مقابلے میں اُتار کر شرط رکھا کرتے تھے۔ کمھار مٹی گوندھنے میں اس سے مدد لیا کرتے تھے، یا پھر کچھ لوگ اس پر اینٹوں کا وزن لاد دیا کرتے تھے۔

۲۔ آج کل کے جدید اور سائنسی دور میں جہاں وزن اٹھانے اور باقی کاموں کی ذمے داری اس پر سے کم ہوتی جا رہی ہے وہاں پر انسانوں کا تمام بھاری وزن اٹھانے کی ذمے داری اس پر پڑ رہی ہے۔

۳۔ آج کے دور میں لوگ اس بیچارے جانور کا ہزاروں اور لاکھوں میں سودا کر رہے ہیں۔

۴۔ زیادہ قیمت ملنے کا گدھے کو کوئی فائدہ نہیں ہوتا ہے۔ وہ بیچارہ تو پھر بھی اسی حال میں ہوتا ہے۔ وہی کام اور وہی سوکھی گھاس۔

۵۔ گدھے بیچارے کی تمام تاریخ صبر سے بھری پڑی ہے۔

(ب) سندھ کے مشہور عالم، محقق اور دانشور ڈاکٹر نبی بخش بلوچ نے گدھے کے عنوان پر کتاب لکھی ہے۔

(ج) سندھ میں گدھے، گھوڑے، اونٹ اور بیل سواری کے لیے استعمال ہوتے ہیں۔
طلبا سے کہیں کہ اخبارات یا رسائل سے ان کی تصاویر تلاش کر کے کاپی میں چپکائیں۔

(د) ایک مزاحیہ شعر:

رکشے والے چاچے
میرے گیلے ہو گئے پائنچے
مجھے لے چلو کسی طور
مجھے جانا ہے کشمور

(ھہ) ناڪاري جملا:

| هاڪاري جملا | ناڪاري جملا |
|---|---|
| فضل اڄ ٻني ۾ ٻجُ ڇٽيو هوندو. | فضل اڄ ٻني ۾ ٻج ڪونہ ڇٽيو هوندو. |
| مون اڄ نويد کي اچڻ لاءِ چيو آهي. | مون اڄ نويد کي اچڻ لاءِ نہ چيو آهي. |
| ارشادَ اڄ سمورو ڪم اُڪلايو آهي. | ارشادَ اڄ سَمورو ڪم اُڪلايو ناهي. |
| محمودَ کي اڄ مارَ ملي آهي. | محمود کي اڄ مار ڪونہ ملي آهي. |
| جاويد مڇي ماريندو هوندو. | جاويد مڇي ڪونہ ماريندو هوندو. |

(ھ) منفی جملے:

| مثبت جملے | منفی جملے |
|---|---|
| فضل نے آج زمین میں بیج بویا ہوگا۔<br>میں نے آج نوید کو آنے کے لیے کہا ہے۔<br>ارشاد نے آج تمام کام ختم کرلیا ہے۔<br>محمود کو آج مار پڑی ہے۔<br>جاوید مچھلی مارتا ہوگا۔ | فضل نے آج زمین میں بیج نہیں بویا ہوگا۔<br>میں نے آج نوید کو آنے کے لیے نہیں کہا ہے۔<br>ارشاد نے آج تمام کام ختم نہیں کیا ہے۔<br>محمود کو آج مار نہیں پڑی ہے۔<br>جاوید مچھلی نہیں مارتا ہوگا۔ |

# گورک هل اسٽيشن

## مقصد

- شاگردن کي سبق جي مفهوم جي ڄاڻ ڏيڻ.
- کين انهي قابل ڪرڻ ته هو سبق پڙهڻ, سمجهڻ ۽ انهي جو مقصد ياد ڪرڻ جي قابل ٿي وڃن ۽ نوان لفظ لکڻ ۽ انهن مان جملا ٺاهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري سگهن.
- هو اهو ڄاڻي وٺن ته سنڌ ۾ به اهڙا ماڳ آهن جيڪي ڏسڻ وٽان آهن.
- شاگردن کي گورک هل اسٽيشن جي باري ۾ ڄاڻ مهيا ڪرڻ.
- شاگردن ۾ گورک هل اسٽيشن گهمڻ جي دلچسپي پيدا ڪرڻ .

## امدادي سامان

- بليڪ بورڊ
- سَولي سنڌي ڪتاب 7, صفحو نمبر 76

## سکيا جو طريقو

- سبق پڙهائڻ کان اڳ ٻارن کان پڇيو وڃي ته ڇا هنن ڪڏهن هن ماڳ جي باري ۾ ٻڌو آهي؟ ڇا هو ڪڏهن کنهن اهڙي جاءِ ڏانهن گهمڻ ويا آهن؟ شاگردن جي ڳالهه کي اڳيان وڌايو ۽ سندن تجربن جي روشني ۾ وڌيڪ ڳالهه ٻولهه ڪريو ته ڇا اسين به ڪو ماڳ گهمي هڪ سفرنامو پنهنجن لفظن ۾ لکي سگهون ٿا؟ شاگردن جي ڳالهين کي اڳتي وڌائيندي, پنهنجي تجربي مان انهي جا ڪجهه بيا مثال ڏيندا هلو ته جيئن سبق شروع ڪرڻ کان اڳ ٻار اهو ڄاڻي وٺن ته گورک هل اسٽيشن جي اهميت ڇا جي ڪري آهي.
- ٻارن کي ٻڌايو ته اڄ اسين سبق ”گورک هل اسٽيشن“ پڙهندا سين جنهن مان اسان کي اها ڄاڻ ملندي ته گورک هل اسٽيشن سنڌ ۾ ڪهڙي جاءِ تي آهي ۽ اتي ڪيئن وڃي سگهجي ٿو. سبق جي اعلان کانپوءِ ڪتاب سولي سنڌي جو صفحو نمبر 76 کولرايو. نون لفظن تي نشان لڳرايو ۽ انهن لفظن کي درست اُچار سان پڙهي ٻڌايو. پوءِ سبق درست اُچار سان لفظ لفظ ڪري پڙهو. ٻار هر لفظ تي آڱر رکن ۽ ڏيان سان ٻڌن. هاڻي انهن کان پڇو وڃي ته ڇا توهان ڪڏهن ڪو سفر ڪيو آهي ڪنهن سفر جي تجربي کي پنهنجن لفظن ۾ لکڻ ئي سفرنامو هوندو آهي ۽ سفرنامو لکڻ ۾ دلچسپي ڪيئن پيدا ڪري سگهجي ٿي. سبق جي حوالي سان گڏ مثال ڏيندا هلو ته جيئن ٻار آساني سان سبق جي اصل مقصد کي ڄاڻي سگهن. شاگردن کي ٻڌايو ته هن سبق ۾ ڪهڙي ريت ڪجهه دوست گورک هل اسٽيشن ڏانهن سير لاءِ وڃن ٿا ۽ اهي ڪيئن پنهنجي سفر جي شروعات ڪراچي کان ڪندي وڃي دادو پهچن ٿا ۽ پوءِ اُتان وري هڪ جيپ وسيلي گورک هل اسٽيشن تائين پهچن ٿا ۽ اهي ڪيئن سموري احوال کي پنهنجن لفظن ۾ اسان جي آڏو پيش ڪن ٿا ۽

سبق نمبر ۲۸

# گورکھ ہل اسٹیشن

## مقاصد

- طلبا کو سبق کے مفہوم کی معلومات دینا۔
- انھیں اس قابل کرنا کہ وہ سبق پڑھنے، سمجھنے اور اس کا مقصد یاد کرنے کے قابل ہو جائیں اور نئے الفاظ لکھنے اور ان سے جملے بنانے کی صلاحیت حاصل کرسکیں۔
- وہ یہ جان لیں کہ سندھ میں بھی ایسے مقامات ہیں جو گھومنے کے لائق ہیں۔
- طلبا کو گورکھ ہل اسٹیشن کے بارے میں معلومات مہیا کرنا۔
- طلبا میں گورکھ ہل اسٹیشن گھومنے کی دلچسپی پیدا کرنا۔

## امدادی اشیا

- تختۂ سیاہ
- آسان سندھی کتاب ۷، صفحہ نمبر ۷۶

## طریقۂ تدریس

- سبق پڑھانے سے پہلے طلبا سے پوچھا جائے کہ کیا انھوں نے اس مقام کے بارے میں سنا ہے؟ کیا وہ کبھی ایسی جگہ گھومنے کے لیے گئے ہیں؟ طلبا کی بات کو آگے بڑھائیں اور ان کے تجربات کی روشنی میں مزید بات چیت کریں کہ کیا ہم بھی کسی جگہ کی سیر کر کے کوئی ایک سفرنامہ اپنے الفاظ میں لکھ سکتے ہیں؟ اپنے تجربے سے اس کی کچھ اور مثالیں دیجیے تاکہ سبق شروع ہونے سے پہلے طلبا یہ جان سکیں کہ گورکھ ہل اسٹیشن کی اہمیت کس وجہ سے ہے۔
- طلبا کو بتائیں کہ آج ہم سبق ''گورکھ ہل اسٹیشن'' پڑھیں گے جس سے ہمیں معلوم ہوگا کہ گورکھ ہل اسٹیشن سندھ میں کس جگہ پر ہے اور وہاں پر کیسے جایا جا سکتا ہے؟ سبق کے اعلان کے بعد کتاب آسان سندھی کا صفحہ نمبر ۷۶ کھلوائیں۔ نئے الفاظ پر نشان لگوائیں اور ان الفاظ کو درست لہجے سے پڑھ کر سنائیں۔ پھر سبق درست لہجے سے لفظ بہ لفظ پڑھیں۔ طلبا ہر لفظ پر انگلی رکھیں اور دھیان سے سنیں۔ اب ان سے پوچھیے کہ آپ نے کبھی کوئی سفر نامہ لکھا ہے؟ کیا کبھی آپ نے کوئی سفر کیا ہے؟ کسی سفر کو اپنے الفاظ میں لکھنے کو ہی سفرنامہ کہا جاتا ہے اور سفرنامہ لکھنے میں دلچسپی کیسے پیدا کی جا سکتی ہے؟ سبق کے حوالے سے مثالیں دیجیے جس سے طلبا بآسانی سبق کے اصل مقصد کو جان سکیں۔ طلبا کو بتائیں کہ اس سبق میں کس طرح کچھ دوست گورکھ ہل اسٹیشن کی جانب سیر کے لیے جاتے ہیں اور وہ کس طرح اپنے سفر کی شروعات کراچی سے کرتے ہوئے جا کر دادو پہنچتے ہیں اور پھر وہاں سے ایک جیپ کے ذریعے گورکھ ہل اسٹیشن تک پہنچتے ہیں

سيني جي دل چوي ٿي تہ چو نہ اسين بہ وڃي گورک هل اسٽيشن جو سير ڪريون. هتي موسم جو ذڪر هنن کهڙي ريت ڪيو آهي. اهو سمورو واقعو اسان کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو. سبق ۾ موجود مثالن کي شاگردن اڳيان رکندا هلو تہ جيئن ٻار سبق جي اصل مقصد کي سولي نموني ياد رکي سگهن.

- سبق گورک هل اسٽيشن ۾ موجود ڏکين يا نون لفظن تي نشان لڳرايو پوءِ سبق گورک هل اسٽيشن ٻارن کان واري واري پڙهائيو. استاد ٻارن کان سبق سان لاڳاپيل ڪجهہ سوال ڪري تہ جيئن ٻار آساني سان سمجهي سگهن.

## حل ٿيل مشق

(الف) سوالن جا جواب:

1. گورک هل اسٽيشن دادو کان 100 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي.
2. گورک هل اسٽيشن سمنڊ جي سطح کان 5 هزار 6 سو 88 فوٽ مٿي آهي.
3. گورک هل اسٽيشن تي گرميءَ جو درجو 17 سينٽي گريڊ ۽ سياري ۾ اهو ڪاٽو 5 سينٽي گريڊ هوندو آهي ۽ اُتي ٿڌڙي هوا لڳندي آهي.
4. کير ٿر جي جبلن تي سيني کان اوچو ماڳ بينظير ماڳ آهي جيڪو ساڍا 5 هزار فوٽ مٿي آهي.
5. گورک هل اسٽيشن کي سنڌ جو مري سڏيو وڃي ٿو.

(ب) ڪنهن بہ ماڳ يا مقام جي گهمڻ واري عرصي جي دوران اتان جو حال احوال پنهنجي من مان ڪڍي عام عوام تائين لفظن جي صورت ۾ لکي قلمبند ڪرڻ ۽ ماڻهن تائين انهي جي ڄاڻ رسائڻ کي سفرنامو چيو ويندو آهي. انهي سان لاڳاپيل سرگرمي استاد پنهنجي نگراني ۾ ڪرائي.

(ج) اها سرگرمي استاد ڪلاس ۾ شاگردن وسيلي ڪرائي جنهن ۾ هر شاگرد جي راءِ مختلف ايندي.

(د) مفعول:

1. رخسانہ انب کاڌو.
2. حفيظ جوس پيتو.
3. انور خط لکيو.
4. مان بازار وڃان ٿو.
5. توهان ٿي وي ڏسي رهيا آهيو.

اور وہ کس طرح تمام احوال کو اپنے الفاظ میں ہمارے سامنے پیش کرتے ہیں جس کے بعد سب کا دل کہتا ہے کہ کیوں نہ ہم بھی جا کر گورکھ ہل اسٹیشن کی سیر کریں۔ یہاں پر موسم کا ذکر کس طرح کیا گیا ہے۔ یہ تمام واقعہ ہمیں اپنی جانب کھینچتا ہے۔ سبق میں موجود مثالیں طلبا کو بتائیں تاکہ وہ سبق کے اصل مقصد کو بآسانی یاد رکھ سکیں۔

- سبق میں موجود مشکل یا نئے الفاظ پر نشان لگوائیں، پھر طلبا سے باری باری سبق پڑھوائیں۔ سبق کے آخر میں اساتذہ طلبا سے سبق کے متعلق کچھ سوالات کریں جس سے یہ اندازہ لگایا جا سکے کہ طلبا نے سبق سے کیا سیکھا ہے۔

## حل شدہ مشق

(الف) سوالات کے جوابات:

۱۔ گورکھ ہل اسٹیشن دادو سے ۱۰۰ کلومیٹر کے فاصلہ پر ہے۔

۲۔ گورکھ ہل اسٹیشن سطح سمندر سے ۵ ہزار ۶۸۸ فٹ بلندی پر ہے۔

۳۔ گورکھ ہل اسٹیشن پر گرمی کا درجہ حرارت ۱۷ سینٹی گریڈ اور سردیوں میں یہ منفی ۵ سینٹی گریڈ ہوتا ہے اور وہاں ٹھنڈی ہوا چلتی ہے۔

۴۔ کیرتھر کے پہاڑوں پر سب سے اونچا مقام بےنظیر ہے جو کہ ساڑھے پانچ ہزار فٹ کی بلندی پر ہے۔

۵۔ گورکھ ہل اسٹیشن کو سندھ کا مری کہا جاتا ہے۔

(ب) کسی بھی مقام یا جگہ کو گھومنے والے عرصے کے دوران وہاں کا حال چال الفاظ کی صورت میں قلمبند کرنا اور لوگوں تک اس کی معلومات پہنچانے کو سفرنامہ کہا جاتا ہے۔ اس سے متعلقہ سرگرمی اساتذہ اپنی نگرانی میں کروائیں۔

(ج) یہ سرگرمی اساتذہ اپنی نگرانی میں طلبا سے کروائیں جس میں ہر طالب علم کی رائے مختلف ہوگی۔

(د) مفعول:

۱۔ رخسانہ نے آم کھایا۔

۲۔ حفیظ نے جوس پیا۔

۳۔ انور نے خط لکھا۔

۴۔ میں بازار جاؤں گا۔

۵۔ تم ٹی وی دیکھ رہے ہو۔


OXFORD
UNIVERSITY PRESS

سبق اوڻٽيهون

# احزاب واري جنگ

## مقصد

- شاگردن کي سبق جي مفهوم جي ڄاڻ ڏيڻ.
- کين انهي قابل ڪرڻ ته هو سبق پڙهڻ، سمجهڻ ۽ انهي جو مقصد ياد ڪرڻ جي قابل ٿي وڃن ۽ نوان لفظ لکڻ ۽ انهن مان جملا ٺاهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري سگهن.
- هو اهو ڄاڻي وٺن ته احزاب واري جنگ ڇا کي چئبو آهي.

## امدادي سامان

- بليڪ بورڊ
- سَولي سنڌي ڪتاب 7، صفحو نمبر 79

## سکيا جو طريقو

- سبق پڙهائڻ کان اڳ ٻارن کان پڇيو وڃي ته ڇا هنن ڪڏهن ڪي اهڙا ڪتاب پڙهيا آهن جن ۾ اسلامي جنگين جو ذڪر ٿيل هجي؟ جنگين ۾ مسلمانن جنگ جي ڪهڙن اصولن کي اختيار ڪيو آهي؟ احزاب جي جنگ جو ٻيو نالو ڪهڙو آهي؟
- ٻارن کي ٻڌايو ته اڄ اسين سبق "احزاب واري جنگ" پڙهندا سين. سبق جي اعلان ڪانپوءِ ڪتاب سولي سنڌي جو صفحو نمبر 79 کولرايو. نون لفظن تي نشان لڳرايو ۽ انهن لفظن کي درست اُچار سان پڙهي ٻڌايو. پوءِ سبق درست اُچار سان لفظ لفظ ڪري پڙهو ٻار هر لفظ تي آڱر رکن ۽ ڌيان سان ٻڌن. هاڻي کين ٻڌايو ته ڪهڙي ريت عربن ۽ يهودين جي ڪيترن ئي قبيلن جي گڏيل طاقت شامل هئي، اهي تعداد ۾ 10 هزار کان مٿي هئا ۽ انهن جي مقابلي ۾ مسلمان صرف 3 هزار هئا. پر پوءِ به ڪافرن تي مسلمانن جي فتح ٿي. هن جنگ ۾ مسلمانن اهو فيصلو ڪيو ته ٻارن، پوڙهن ۽ عورتن کي قلعن ۾ موڪلي مرد شهرن جو بچاءُ ڪندا. مسلمانن وٽ جنگ جو سازو سامان ڪونه هو هي وقت مسلمانن تي تمام ڏکيو هو پر پوءِ به مسلمانن ڪافرن جي ڇيلهه ڇڳي ڪري ورتي . سبق ۾ موجود مثالن کي شاگردن اڳيان رکندا هلو ته جيئن ٻار سبق جي اصل مقصد کي سولي نموني ياد رکي سگهن.
- سبق احزاب واري جنگ ۾ موجود ڏکين يا نون لفظن تي نشان لڳرايو پوءِ سبق احزاب واري جنگ ٻارن کان واري واري پڙهائيو. استاد ٻارن کان سبق سان لاڳاپيل ڪجهه سوال ڪري ته جيئن ٻار آساني سان سمجهي سگهن.

سبق نمبر ۲۹

# احزاب کی جنگ

## مقاصد

- طلبا کو سبق کے مفہوم کی معلومات دینا۔
- انھیں اس قابل کرنا کہ وہ سبق پڑھنے، سمجھنے اور اس کا مقصد یاد کرنے کے قابل ہو جائیں اور نئے الفاظ لکھنے اور ان سے جملے بنانے کی صلاحیت حاصل کر سکیں۔
- وہ یہ جان لیں کہ احزاب کی جنگ کسے کہا جاتا ہے۔

## امدادی اشیا

- تختۂ سیاہ
- آسان سندھی کتاب ۷، صفحہ ۷۹

## طریقۂ تدریس

- سبق پڑھانے سے پہلے طلبا سے پوچھا جائے کہ کیا انھوں نے کبھی ایسی کتابیں پڑھی ہیں جن میں اسلامی جنگوں کا ذکر کیا گیا ہو؟ جنگوں میں مسلمانوں نے کون سے اصولوں کو اختیار کیا ہے؟ احزاب کی جنگ کا دوسرا نام کیا ہے؟ اپنے تجربے سے اس کی کچھ اور مثالیں دیجیے تاکہ سبق شروع ہونے سے پہلے طلبا یہ جان لیں کہ احزاب کی جنگ کی اہمیت کس وجہ سے ہے؟
- طلبا کو بتائیں کہ آج ہم سبق ''احزاب کی جنگ'' پڑھیں گے۔ سبق کے اعلان کے بعد کتاب آسان سندھی کا صفحہ ۷۹ کھلوائیں۔ نئے الفاظ پر نشان لگوائیں اور ان الفاظ کو درست ہجے سے پڑھ کر سنائیں۔ پھر سبق درست ہجے سے لفظ بہ لفظ پڑھیں۔ طلبا ہر لفظ پر انگلی رکھیں اور دھیان سے سنیں۔ اب انھیں سبق کا مطلب بتائیں کہ کس طرح عربوں اور یہودیوں کے کتنے قبیلوں کی مشترکہ طاقت شامل تھی۔ وہ تعداد میں ۱۰ ہزار سے بھی زیادہ تھے اور ان کے مقابلے میں مسلمان صرف ۳ ہزار تھے۔ مگر پھر بھی کافروں کو شکست دی۔ یہ کفار کی مدینے پر آخری چڑھائی تھی۔ سبق میں موجود مثالیں طلبا کو بتائیں تاکہ وہ بآسانی سبق کے اصل مقصد کو سمجھ سکیں گے۔
- سبق میں موجود مشکل یا نئے الفاظ پر نشان لگوائیں، پھر طلبا سے باری باری سبق پڑھوائیں۔ سبق کے اختتام پر طلبا سے سبق کے متعلق کچھ سوالات کریں جس سے یہ اندازہ لگایا جا سکے کہ طلبا نے سبق سے کیا سیکھا ہے۔

## حل ٿيل مشق

(الف) سوالن جا جواب:

1. احزاب حزب جو جمع آهي، جنهن جي معني ٽولو يا جماعت آهي.
2. هن جنگ کي خندق واري جنگ بہ ڪوٺيو ويندو آهي.
3. حضورﷺ جن جي مڪي کان مديني هجرت کان 5 سالن کان پوءِ اها جنگ لڳي.
4. احزاب واري جنگ ۾ مسلمانن جو لشڪر ٽي هزار هو.
5. احزاب واري جنگ ۾ مسلمانن جي مدد الله تعالىٰ ڪئي ۽ پڄاڻي تي فتح مسلمانن جي ٿي نہ رڳو اهو پر مختصر لشڪر ۽ سامان جي اڻ هوند جي باوجود مسلمانن سيني مخالف گروهہ، مشرڪن، يهودين ۽ منافقن جي چيلهہ ڇِني ڪري ڇڏي ۽ اڳتي انهن کي ان قابل نہ ڇڏيو جو مسلمانن تي آئنده ڪنهن بہ قسم جو حملو ڪري سگهن.
6. احزاب واري جنگ شوال جي آخر ۾ شروع ٿي ۽ ذي القعد مهيني ۾ ختم ٿي.

(ب) حضور سائينﷺ جن جن جنگين ۾ شريڪ ٿيا انهن جنگين کي غزوه چئبو آهي.

(ج) پراڻي دور جي جنگين ۽ هن دور جي جنگين ۾ ڏينهن رات جو فرق آهي. پراڻي دور جي جنگين ۾ فوج پاڻ ۾ مقابلو ڪندي هئي ۽ جنگ ۾ تير، ڀالا ۽ تلوارن جهڙا هٿيار استعمال ڪيا ويندا هئا. جڏهن تہ اڄڪلهہ جي دور جي جنگ ۾ انهن هٿيارن جي جاءِ جديد هٿيارن ورتي ڇڏي آهي ۽ هاڻي بندوقن، بمن، راڪيٽ ۽ ايٽم بمن جو استعمال ٿيندو آهي. جيڪو تمام گهڻو تباهي جو سبب بڻبو آهي.

(د) واحد ۽ جمع:

| واحد | جمع |
|---|---|
| ٽولو | ٽولا |
| معاهدو | معاهدا |
| قبيلو | قبيلا |
| عورتَ | عورتون |
| قلعو | قلعا |

## حل شدہ مشق

(الف) سوالات کے جوابات:

۱۔ احزاب حزب کی جمع ہے جس کے معنی ٹولہ یا جماعت ہے۔

۲۔ اس جنگ کو غزوۂ خندق بھی کہا جاتا ہے۔

۳۔ حضور پاک ﷺ کے مکہ سے مدینے ہجرت کے پانچ سال بعد یہ جنگ ہوئی۔

۴۔ جنگ احزاب میں مسلمانوں کی تعداد تقریباً ۳ ہزار تھی۔

۵۔ جنگ میں مسلمانوں کی مدد اللہ تعالیٰ نے کی اور آخر میں فتح مسلمانوں کی ہوئی۔ نہ صرف یہ کہ مختصر لشکر اور جنگی ساز و سامان نہ ہونے کے باوجود مسلمانوں نے تمام مخالفین، مشرکوں، یہودیوں کو شکست دی بلکہ انھیں اس قابل بھی نہ چھوڑا کہ وہ آئندہ مسلمانوں پر کسی بھی قسم کا حملہ کر سکیں۔

۵۔ جنگ احزاب شوال کے آخر میں شروع ہوئی اور ذیقعد کے مہینے میں اختتام پذیر ہوئی۔

(ب) نبی کریم ﷺ جن جنگوں میں شریک ہوئے ان جنگوں کو غزوہ کہا جاتا ہے۔

(ج) پرانے دور کی جنگوں اور اس دور کی جنگوں میں زمین آسمان کا فرق ہے۔ پرانے دور کی جنگ میں فوجیں آپس میں مد مقابل ہوتی تھیں اور تیر، بھالے اور تلوار جیسے ہتھیار استعمال کیے جاتے تھے۔ جبکہ آج کے دور کی جنگ میں ان ہتھیاروں کی جگہ جدید ہتھیاروں نے لے لی ہے اور اب بندوق، بم، توپ اور راکٹ کا استعمال عام کیا جاتا ہے جو کہ بہت زیادہ تباہی کا سبب بنتا ہے۔

(د) واحد اور جمع:

| واحد | جمع |
|---|---|
| ٹولا | ٹولے |
| معاہدہ | معاہدے |
| قبیلہ | قبائل |
| عورت | عورتیں |
| قلعہ | قلعے |

## سبق ٽيهون

# سَگهَ ڏي سائين!

### مقصد

- شاگردن کي نظم جي معني ۽ مفهوم جي ڄاڻ ڏيڻ
- کين انهي قابل ڪرڻ تہ هو نظم پڙهڻ، سمجهڻ ۽ زباني ياد ڪرڻ جي قابل ٿي وڃن ۽ نوان لفظ لکڻ ۽ انهن مان جملا ٺاهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري سگهن.
- شاگردن ۾ محبت جو جذبو پيدا ڪرڻ.
- هو اهو ڄاڻي وٺن تہ اسان جو حقيقي خالق، مالڪ ۽ رازق الله تعاليٰ آهي.

### امدادي سامان

- بليڪ بورڊ
- سَولي سنڌي ڪتاب 7، صفحو نمبر 82

### سکيا جو طريقو

- نظم پڙهائڻ کان اڳ ٻارن کان پڇيو وڃي تہ ڇا هو ڪڏهن اهو سوچين ٿا تہ اسين ڪوڙ کي ڪيئن ڊاهي سگهون ٿا؟ پيار ۽ امن جي دنيا ڪيئن ٺهي سگهي ٿي؟ اسان کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟ اسان جي هتي اچڻ جو مقصد ڇا آهي؟ شاگردن جي ڳالهين کي اڳيان وڌائيندا هلو.
- ٻارن کي ٻڌايو تہ اڄ اسين نظم "سَگهَ ڏي سائين!" پڙهندا سين جنهن مان اسان کي اها ڄاڻ ملندي تہ انسان پاڻ ۾ محبت ڪيئن ڪري سگهن ٿا. سبق جي اعلان ڪانپوءِ ڪتاب سولي سنڌي جو صفحو نمبر 82 کولرايو. نون لفظن نشان لڳرايو ۽ انهن لفظن کي درست اُچار سان پڙهي ٻڌايو. پوءِ نظم کي درست اُچار سان لفظ لفظ ڪري پڙهو. ٻار هر لفظ تي آڱر رکن ۽ ڌيان سان ٻڌن. هاڻي بيتن جي سمجهاڻي آسان لفظن ۾ ڪريو. بيتن جي سمجهاڻي نثر ۾ ڪئي وڃي تہ جيئن ٻارن کي بيت آساني سان سمجهہ ۾ اچي وڃن جهڙوڪ: الله سائين اسان کي تون طاقت ڏي تہ اسين ڪوڙ کي ڊاهي ڇڏيون، اسين ماڻهن جي دلين تان نفرت جو مير بہ لاهي ڇڏيون. هتي ڪو ڪنهن سان دشمني نہ ڪري اسين اهڙي پيار ۽ امن جي دنيا جوڙيون. اسان جا قدم سدائين اڳتي وڌندا هلن پوءِ ڪٺي ڪيتري بہ دير ٿي وڃي. اسان جو مقصد صرف پيار آهي جنهن ۾ ٿورو بہ فرق نہ آهي. هتي هرڪو ماڻهو موتي داڻو آهي ۽ ڪوبہ ڪنهن کان گهٽ نہ آهي. مٿي ڏنل سمجهاڻي کي توهان پنهنجن لفظن ۾ بہ ٻارن کي سمجهائي سگهو ٿا.
- پوءِ نظم ٻارن کان واري واري پڙهائيو. پوءِ پنجن ٻارن جو گروپ جوڙي پڙهائيو وڃي. جنهن کان پوءِ سڀ ٻار توهان سان گڏجي نظم پڙهن. اهڙي ريت آساني سان ٻارن کي نظم ياد ٿي ويندو.

سبق نمبر ۳۰

# مجھے طاقت دے، میرے مالک!

## مقاصد

- طلبا کو نظم کے معنی اور مفہوم کی معلومات دینا۔
- انھیں اس قابل کرنا کہ وہ نظم پڑھنے، سمجھنے اور اسے زبانی یاد کرنے کے قابل ہو جائیں اور نئے الفاظ لکھنے اور ان سے جملے بنانے کی صلاحیت حاصل کر سکیں۔
- طلبا میں محبت کا جذبہ پیدا کرنا۔
- وہ یہ جان لیں کہ ہمارا حقیقی مالک، خالق اور رازق اللہ تعالیٰ ہے۔

## امدادی اشیا

- تختۂ سیاہ
- آسان سندھی کتاب ۷، صفحہ نمبر ۸۲

## طریقۂ تدریس

- نظم پڑھانے سے پہلے طلبا سے یہ پوچھا جائے کہ کیا وہ کبھی یہ سوچتے ہیں کہ ہم جھوٹ کو کس طرح مٹا سکتے ہیں؟ پیار اور امن کی دنیا کس طرح بن سکتی ہے؟ ہمیں کس نے پیدا کیا ہے؟ ہمارا یہاں آنے کا مقصد کیا ہے۔
- طلبا کو بتائیں کہ آج ہم نظم ''طاقت دے، میرے مالک'' پڑھیں گے جس سے ہمیں معلوم ہوگا کہ انسان آپس میں محبت سے کس طرح رہ سکتے ہیں؟ سبق کے اعلان کے بعد کتاب آسان سندھی کا صفحہ ۸۲ کھلوائیں۔ نئے الفاظ پر نشان لگوائیں اور ان الفاظ کو درست ہجے سے پڑھ کر سنائیں، پھر نظم درست ہجے سے لفظ بہ لفظ ترنم سے پڑھیں۔ طلبا ہر لفظ پر انگلی رکھیں اور دھیان سے سنیں۔ اب اشعار کا ترجمہ آسان الفاظ میں کریں۔ اشعار کا ترجمہ نثر میں کیا جائے تو بہتر ہے اس سے طلبا کو بآسانی نظم یاد ہو جائے گی۔ جیسے اے اللہ! ہمیں طاقت دیں تاکہ ہم جھوٹ کو مٹا دیں۔ ہم لوگوں کے دلوں سے نفرت کی دھول بھی ہٹا دیں، یہاں کوئی کسی سے بھی دشمنی نہ کرے۔ ہم ایسی پیار اور امن کی دنیا بنائیں، ہمارے قدم ہمیشہ آگے بڑھتے رہیں، پھر چاہے کتنی بھی دیر کیوں نہ ہو جائے۔ ہمارا مقصد صرف اور صرف پیار ہے جس میں کوئی بھی فرق نہیں ہے۔ یہاں ہر آدمی موتی کی طرح ہے اور کوئی بھی کسی سے کم نہیں ہے۔ مندرجہ بالا ترجمے کو آپ اپنے الفاظ میں بھی طلبا کو سمجھا سکتے ہیں۔
- بعد ازاں طلبا سے باری باری نظم پڑھوائیں۔ پھر پانچ طلبا کا گروپ بنا کر نظم پڑھوائیں۔ جس کے بعد سب طلبا آپ کے ساتھ مل کر نظم پڑھیں۔ اس طرح بآسانی طلبا کو نظم یاد ہو جائے گی۔


OXFORD
UNIVERSITY PRESS

## حل ٿيل مشق

(الف) سوالن جا جواب:

1. شاعر هن نظم ۾ الله تعاليٰ کان اها دعا ٿو گهري تہ اسان کي اهڙي طاقت ڏي جو اسين ڪوڙ کي ڀاهي ڍير ڪري ڇڏيون.
2. شاعر هن دنيا کي پيار ۽ امن جي دنيا ڏسڻ ٿو چاهي.
3. اڳتي وڌڻ لاءِ شاعر چوي ٿو تہ سدائين قدم اڳتي ئي رکو پوءِ ڪٽي سچ لهي وڃي يا دير بہ ٿي وڃي.

(ب) جيڪڏهن الله تعاليٰ مون کي طاقت ڏي تہ هن دنيا مان سمورن خراب ماڻهن کي پڇائي ڪڍيندس

(ج) نظم ۾ وڏي ڳالهہ تمام ننڍي ڪري بيان ڪئي ويندي آهي جنهن ۾ قافيي ۽ رديف جو استعمال ڪيو ويندو آهي، جڏهن تہ نثر اهو ليک هوندو آهي جنهن ۾ ڪابہ ڳالهہ عام طور تي لکي ويندي آهي.

(د) مڪمل بند:

ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي من تان سڀ<br>
لاهيون ڪُلفت وارو ميرُ<br>
پيار امن جي دنيا ٺاهيون<br>
ڪنهن سان ڪين رکي ڪو وير<br>
پنهنجي وک سدائين اڳتي<br>
توڙي سِجُ لهي ٿئي دير.

## حل شدہ مشق

(الف) سوالات کے جوابات:

۱۔ شاعر اس نظم میں اللہ تعالیٰ سے یہ دعا مانگتا ہے کہ آپ ہمیں ایسی طاقت دیں کہ ہم جھوٹ کو مٹا کر ڈھیر کر دیں۔

۲۔ شاعر اس دنیا کو پیار اور امن کی دنیا دیکھنا چاہتا ہے۔

۳۔ آگے بڑھنے کے لیے شاعر کہتا ہے کہ ہمیشہ قدم آگے کی جانب رکھیں، پھر چاہے سورج غروب ہو جائے اور کتنی بھی دیر کیوں نہ ہو جائے۔

(ب) اگر اللہ تعالیٰ مجھے طاقت دے تو اس دنیا سے میں تمام خراب لوگوں کو نکال باہر کروں۔

(ج) نظم میں بہت بڑی بات بہت مختصر کر کے بیان کی جاتی ہے جس میں قافیے اور ردیف کا خیال رکھا جاتا ہے، جبکہ نثر ایک ایسی تحریر ہوتی ہے جس میں کوئی بھی بات عام طرح سے لکھی ہوئی ہوتی ہے۔

اس کی دوسری سرگرمی کے لیے اساتذہ طلبا کی رہنمائی کریں اور اسکول کی لائبریری میں موجود کتب کی مدد سے طلبا کو اشعار ڈھونڈنے میں مدد کریں۔

(د) مکمل بند:

آدمی آدمی کے اندر سے سب
اُتار دیں کلفت کی دھول
پیار امن کی دنیا بنائیں
کسی سے کوئی رکھے نہ دشمنی
ہمارے قدم ہمیشہ آگے
چاہے سورج غروب ہو، یا ہو جائے دیر

# استادن لاءِ خاص هدايت

استادن کي صرف هڪ خاص هدايت ڪجي ٿي تہ سنڌي ٻولي جي واحد جمع ۽ اردو ٻولي جي واحد جمع ۾ ٿورو گهڻو فرق آهي جنهن جو تمام گهڻو خيال رکيو وڃي ۽ ساڳي ريت مذڪر مونث ۾ بہ اهي واضح فرق ڏسڻ ۾ اچن ٿا مثال طور هڪ لفظ کي توهان آڏو پيش ڪجي ٿو جيئن سنڌي ۾ ڪتاب مذڪر آهي ۽ اردو ۾ ڪتاب مونث آهي. انهي ڪري سنڌي جي مذڪر ڪتابُ ۾ پيش لڳل آهي ۽ جمع ٺاهڻ لاءِ ڪتابَ ۾ زبر لڳائي جمع ڪيو ويندو. ۽ جملو ٺهندو مون ڪتابُ پڙهيو (واحد). مون ڪتابَ پڙهيا (جمع). جڏهن تہ اردو ۾ ميني ڪتاب پڙهي، (مونث واحد). ميني ڪتابين پڙهين (مونث جمع). شاگرد انهن اصولن ۾ ٿوري ڏکيائي محسوس ڪندا آهن جنهن کي حل ڪرائڻ توهان سمورن استادن جو فرض آهي.

استادن لاءِ اهو بہ ضروري آهي تہ اهي سبق تي مڪمل ۽ واڌو ڄاڻ بہ رکندا هجن ۽ ضروري آهي تہ اهي درسي ڪتابن ۾ مهيا ڪيل ڄاڻ کان سواءِ بہ شاگردن ۾ وڌيڪ ڄاڻ ڏيڻ جي سگه رکندا هجن. انهي سان گڏ سنڌي ٻولي جي سکيا جا ڪجهہ رهنما اصول پڻ هيٺين ريت آهن جن تي مختصر نوٽ هيٺين ريت ڏجي ٿو.

ٻولي ۽ زبان سکائڻ لاءِ تمام ضروري آهي تہ شاگردن ۾ مڪمل طور تي ٻڌڻ جي عادت پيدا ڪئي وڃي، اهي درست طريقي سان ٻڌي سگهن تہ جيئن درست سمجهاڻي ڏانهن انهن جو ڌيان وڃي سگهي. هو توهان استادن جي سوالن کي غور سان ٻڌن ۽ توهان استاد شاگردن جي سوالن ۽ جوابن کي غور سان ٻڌي انهن جي وڌيڪ وضاحت پڻ ڪري سگهو. شاگردن کي تمام گهڻو ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو وڃي جيئن هن رهنمائي جي ڪتابن ۾ هر هر سوال ڪيا ويا آهن. شاگرد جيترو وڌيڪ سمجهي ڳالهائيندا اوترو وڌيڪ انهن جي ٻولي ۽ انهن جو لهجو بهتر ٿي سگهندو.

پڙهڻ واري مرحلي ۾ ضروري آهي تہ سمورن شاگردن کي گهٽي کان گهڻو پڙهڻ جو موقعو ڏنو وڃي جنهن سان انهن ۾ لفظن جي سڃاڻپ وڌندي ۽ ڪلاس ۾ وڏي آواز ۾ پڙهڻ سان شاگردن جو حوصلو پڻ وڌندو.

لکڻ واري مرحلي ۾ شاگردن وسيلي صورتخطي ۽ خوشخطي واريون سرگرميون پڻ ڪرائڻ ضروري آهن ۽ انهن جو تمام گهڻو خيال رکيو وڃي.

سمجهاڻي واري مرحلي ۾ اهو ضروري نہ آهي تہ جيڪي سوال ۽ انهن جي جواب مهيا ڪيا ويا آهن اهي ئي سمجهايا وڃن سبق سان لاڳاپيل ڪجهہ ٻيا سوال توهان استاد پڻ ٺاهي انهن جا جواب سبق مان شاگردن وسيلي ڳولايا وڃن تہ جيئن انهن جو ذهن اڃا وڌيڪ سوچڻ ۽ سمجهڻ تي مجبور ٿئي.

امدادي شين جو استعمال شاگردن کي سبق وڌيڪ سٺي نموني سمجڻ ۾ تمام سٺو ثابت ٿئي ٿو ۽ ڪتابن جي نظمن ۾ اها ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ انهن نظمن جي شاعرن (جهڙوڪ ياسر قاضي) سان جيڪڏهن ممڪن ٿي سگهي تہ هڪ ملاقات پڻ ڪرائي وڃي انهي سان شاگرد بہ خوش ٿيندا ۽ ليکڪ پاڻ نظم جي وضاحت اڃا بهتر نموني ڪري سگهندو.

شاگردن جو اعتماد وڌائڻ لاءِ ضروري آهي تہ انهن جي حوصلا افزائي ڪئي وڃي ۽ شاباس سان گڏو گڏ ننڍين ننڍين ڪامابين تي شاگردن کي ڪو انعام ڏئي ڪري انهن جي صلاحيتن کي اڃا بہ پرواڻ چاڙهي اڳتي ڏياري سگهجي ٿي.

هڪ ڀيرو ٻيهر اها اميد ٿو ڪيان تہ منهنجي غلطين کي سامهون رکندي ڀرين ڪيل ڪوشش کي سٺي موٽ ملندي ۽ انهي ڪوشش کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ جا مشورا پڻ قابل قبول هوندا ۽ انهن مشورن کي استعمال ڪندي انهي ۾ اڃا تجويزون پڻ شامل ضرور ڪيون وينديون.